# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريه 2014
# SINDH ORDINANCE NO.II OF 2014
# سنڌ ريپروڊڪٽو ميٽرنل، نيو نيٽل ۽ ٻار جي صحت اٿارٽي آرڊيننس، 2014
# THE SINDH REPRODUCTIVE MATERNAL, NEO_NATAL AND CHILD HEALTH AUTHORITY ORDINANCE, 2014

## (CONTENTS)فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات

Short title, extent and commencement

2.وصفون

Definitions

3.اٿارٽي جو قيام

Establishment of Authority

4.اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions

5.بورڊ جي جوڙجڪ

Constitution of the Board

6.ميمبر جي نااهلي

Disqualification of member

7.بورڊ جون گڏجاڻيون

Meetings of the Board

8.ڊائريڪٽر جنرل جي مقرري

Appointment of Director General

9.ڊائريڪٽر جنرل جا اختيار

Powers of Director General

10.منتقلي

Delegation

11.ڪميٽيز

Committees

12.اٿارٽي جا ملازم

Employees of the Authority

13.فنڊ

Fund

14.بجيٽ ۽ اڪائونٽس

Budget and accounts

15.آڊٽ

Audit

16.ساليانو رپورٽ

Annual report

17.ميمبرز ۽ ملازم سرڪاري ملازم هوندا

Members and employees to be public servants

18.ڇوٽ

Indemnity

19.آرڊيننس کي ٻين قانونن مٿان سرسي حاصل هوندي

Ordinance to prevail over other laws

20.قاعدا

Rules

21.ضابطا

Regulations

22.رنڊڪون هٽائڻ جو اختيار

Power to remove difficulties

# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 2014
# SINDH ORDINANCE NO.II OF 2014
# سنڌ ريپروڊڪٽو ميٽرنل، نيو نيٽل ۽ ٻار جي صحت اٿارٽي آرڊيننس، 2014
# THE SINDH REPRODUCTIVE MATERNAL, NEO_NATAL AND CHILD HEALTH AUTHORITY ORDINANCE, 2014

[20 مئي 2014]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ اٿارٽي قائم ڪئي ويندي، جنهن کي سنڌ ريپروڊڪٽو ميٽرنل، نيو نيٽل ۽ ٻار جي صحت اٿارٽي سڏيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ بنيادي صحت جي سار سنڀال لاءِ قومي پروگرام جي ملازمن ۽ عملي جي معاملن کي سنڀالڻ لاءِ ۽ فيملي پلاننگ، سنڌ ريپروڊڪٽو ميٽرنل، نيو نيٽل ۽ ٻار جي صحت ۽ ان سان لاڳاپيل ۽ ان جهڙن معاملن لاءِ اٿارٽي جو قيام ضروري ٿي پيو اهي، جنهن کي سنڌ ريپروڊڪٽو ميٽرنل، نيو نيٽل ۽ ٻار جي صحت اٿارٽي سڏيو ويندو.

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن کي نظر ۾ رکندي فوري قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي;

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوري پاڪستان جي آئين، 1973 جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ڪندي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات
Short title, extent and commencement

1.(1) هن آرڊيننس کي سنڌ ريپروڊڪٽو ميٽرنل، نيو نيٽل ۽ ٻار جي صحت اٿارٽي آرڊيننس، 2014 سڏيو ويندو.

(2)ان کي پوري صوبي سنڌ تائين وڌايو ويندو.

(3)هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2.هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) "اٿارٽي" مطلب هن آرڊيننس تحت قائم ڪيل سنڌ ريپروڊڪٽو ميٽرنل، نيو نيٽل ۽ ٻار جي صحت جي اٿارٽي؛

(b)"بورڊ" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل بورڊ آف گورنرز؛

(c) "چيئرپرسن" مطلب بورڊ جو چيئرپرسن؛

(d)"ڊائريڪٽر جنرل" مطلب هن آرڊيننس تحت مقرر ڪيل هيلٿ سروسز سنڌ جو ڊائريڪٽر جنرل؛

(e) "ملازم" مطلب اٿارٽي جو ملازم سواءِ ان شخص جي جيڪو اٿارٽي ۾ ڊيپوٽيشن بنياد تي يا ٻي صورت ۾ ڪم ڪري رهيو هجي؛

(f) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(g)"ميمبر" مطلب بورڊ جو ميمبر؛

(h) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن يا ضابطن موجب بيان ڪيل؛

(i) "ضابطا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل ضابطا؛

(j) "قاعدا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدا.

**اٿارٽي جو قيام**
**Establishment of Authority**

3.(1) هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ اٿارٽي هوندي، جنهن کي سنڌ ريپروڊڪٽو ميٽرنل، نيو نيٽل ۽ ٻار جي صحت جي اٿارٽي سڏيو ويندو.

(2) اٿارٽي باڊي ڪارپوريٽ هوندي ۽ ان کي حقيقي وارثي ۽ عام مهر سان گڏ پنهي قسم جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪرڻ، رکڻ ۽ نيڪال ڪرڻ جو حق حاصل هوندو ۽ اها ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

(3) اٿارٽي جا هيڊ ڪوارٽرز ڪراچي ۾ هوندا ۽ اها سنڌ ۾ اهڙي ٻي جاءِ يا جڳهن تي آفيسز قائم ڪري سگهي ٿي، جيئن اها ضروري سمجهي.

(4) اٿارٽي پنهنجا ڪم سرانجام ڏيندي، اهڙن جوڳن اصولن تي ڪم ڪندي ۽ اهڙين هدايتن ذريعي حڪومت طرفان رهنمائي ڪئي ويندي، جيئن اها وقت بوقت ڏئي.

(5) جيڪڏهن ڪو سوال اٿي ته ڪو معاملو پاليسي جو آهي يا نه، ته حڪومت جو فيصلو حتمي هوندو.

4.(1) هن آرڊيننس جي گنجائشن، قاعدن ۽ ضابطن موجب،

اٿارٽي اهڙا اختيار استعمال ڪندي ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندي، جيڪي هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن.

اختيار ۽ ڪم Powers and Functions

(2)خاص طور تي ۽ ذيلي دفعہ (1) جي گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، اٿارٽي:

(a) ملازمن جي معاملن جو انتظام ڪندي ۽ هلائيندي، بشمول انهن جي ڪميونٽي بنياد تي ورڪرز طور سروس جي شرطن ۽ ضابطن جي؛

(b)پنهنجي ضابطي هيٺ ملازمت ڪندڙن کي ڪم تي رکندي ۽ هٽائيندي؛

(c)حڪومت جي منظوري سان ملازمن جي خدمت جا شرط ۽ ضابطا جوڙيندي ۽ نوٽيفائي ڪندي؛

(d)اهڙا اپاءَ وٺندي يا وٺڻ جو سبب بڻجندي، جيڪي ٺيڪن، معاهدن، سمجهڻ جي يادداشت نامن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ گهربل هجن، بشمول رعايتي معاهدن، لائسنسز جاري ڪرڻ ۽ هيٺين مقصدن لاءِ ٺيڪي جي ٻين دستاويزن جي:

(i) ڄمر روڪ جي ڦهلاءَ جي شرح کي بهتر بڻائڻ؛

(ii)ڄمر روڪ جي اڻ مڪمل ضرورت کي گهٽائڻ؛

(iii)عورتن جي وڌندڙ فيصد جيڪي ماهر مهيا ڪندڙن کان گهٽ ۾ گهٽ ٻار پيدائش کان اڳ جي سنڀال حاصل ڪن ٿا؛

(iv)ٽيٽانس ٽڪسائڊ ويڪسينيشن، هنرمند پيدائش جي حاضري، ادارتي ويم، پيدائش

کانپوءِ جي سار سنڀال حاصل ڪندڙ عورتن ۽ ٻارن جي مڪمل حفاظتي ٽڪن کي وڌائڻ؛

(v)اهڙين اميد سان عورتن جي شرح وڌائڻ، جيڪي اميد سان هئڻ جي گهٽ ۾ گهٽ ٻن خطرن جي نشانين کان واقف هجن ۽ مائرن جي شرح وڌائڻ جيڪي وڏيڪ ماءُ جو کير پيارڻ ۽ ماءُ جو کير پيارڻ جي جلد شروعات ۽ خصوصي ماءُ جو کير پيارڻ جي گهٽ ۾ گهٽ ٻن فائدن کان واقف هجن؛

(vi)ڊائريا ۾ ورتل ٻارن، جن اورل ريهائيڊريشن سوليوشن ۽ زنڪ ورتو هجي، انهن جي شرح وڌائڻ؛

(vii)اهڙين مائرن جي شرح وڌائڻ جيڪي شروعاتي ننڍپڻ جي بيمارين جهڙوڪ نمونيا جي گهٽ ۾ گهٽ ٻن خطري جي نشانين کان واقف هجن؛

(viii)سخت وڃائڻ جي ڦهلاءَ کي گهٽائڻ ۽ تبديل ڪرڻ؛ ۽

(ix)اميد سان عورتن منجهه رت جي کوٽ جي ڦهلاءَ کي گهٽائڻ؛

(e)پيداواري، ميٽرنل، نيو نيٽل ۽ ٻار جي صحت ۽ نيوٽريشن سروسز لاءِ گهٽ ۾ گهٽ سروس ڊليوري معيار ڊيويلپ ۽ تجويز ڪرڻ، جيئن سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن ايڪٽ، 2013 (2014 جي VII) تحت قائم ڪيل سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن طرفان

چاڻايو ويو هجي؛

(f) اسٽيڪ هولڊرز سان مشاورت ۾ پروگرام پاليسي گائيڊلائنز جوڙڻ ۾ ذميداري واري ڪردار ادا ڪندي؛

(g)مختلف موضوعي ايرياز تي ٽيڪنيڪل گائيڊ لائنز جوڙڻ لاءِ ٽيڪنيل صلاحڪاري گروپس جوڙيندي ۽ نوٽيفائي ڪندي؛ ۽

(h)بنيادي هيلٿ ڪيئر ۽ فيملي پلاننگ سروسز جي سلسلي ۾ پرفارمنس آڊٽ ۽ انٽرنل فنانشل آڊٽ ڪرائيندي.

بورڊ جي جوڙجڪ

Constitution of the Board

5.(1) اٿارٽي جي عام هدايتن ۽ انتظام هيٺ ۽ ان جا اختيار بورڊ وٽ هوندا، جيڪو سمورا اختيار استعمال ڪري سگهي ٿو سمورا ڪم سرانجام ڏئي سگهي ٿو ۽ سمورا قدم کڻي سگهي ٿو ۽ شيون ڪري سگهي ٿو جيڪي اٿارٽي طرفان استعمال ڪيا، ادا ڪيا يا ڪيا وڃن.

(2)بورڊ هيٺين تي مشتمل هوندو:

(i) سنڌ حڪومت جي صحت وارو وزير يا سندس غير حاضري ۾ وڏي وزير جو صحت بابت صلاحڪار، يا حڪومت طرفان نامزد ڪيل ڪو ٻيو شخص؛ — چيئرپرسن

(ii) سنڌ جي صحت کاتي جو سيڪريٽري — وائيس چيئرپرسن

| | | |
|---|---|---|
| (iii) | ماليات وارو سيڪريٽري يا سندس نامزد ڪيل، جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نہ هوندو | ميمبر |
| (iv) | سيڪريٽري لاءِ پارليامينٽري افيئرز ۽ هيومن رائيٽس يا سندس نامزد ڪيل، جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نہ هوندو | ميمبر |
| (v) | سيڪريٽري ، پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ يا سندس نامزد ڪيل، جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نہ هوندو | ميمبر |
| (vi) | سيڪريٽري سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ، يا سندس نامزد ڪيل، جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نہ هوندو | ميمبر |
| (vii) | ڊائريڪٽر جنرل | ميمبر |
| (viii) | هڪ نامياري عورت پبلڪ هيلٿ اسپيشلسٽ حڪومت طرفان نامزد ڪئي ويندي | ميمبر |

(2) ڊائريڪٽر جنرل بورڊ جي سيڪريٽري طور پڻ ڪم ڪندو.

(3) بورڊ، بورڊ جي گڏجاڻيءَ لاءِ يا بورڊ جي غور هيٺ خاص معاملي لاءِ، ڪنهن بہ شخص کي رکي سگهي ٿو، جيڪو قومي يا صوبائي سطح تي چونڊيل نمائندو هجي، يا نجي يا پبلڪ سينٽر مان ڄاتل سڃاتل هيلٿ يا پبلڪ ايڊمنسٽريشن اسپيشلسٽ هجي، پر اهڙي شخص کي ووٽ جو حق حاصل نہ هوندو.

(4) عهدي جي مقصد لاءِ مقرر ڪيل آفيشل ميمبر عهدو ڇڏڻ تي ميمبر بہ نہ رهندو.

(5)نان آفيشل ميمبر مقرري واري تاريخ کان وٺي ٽن سالن جي عرصي تائين عهدو رکي سگهندو ۽ اهڙي عرصي لاءِ ٻيهر مقرري جي اهل هوندو جيئن بورڊ طئي ڪري.

(6) نان آفيشل ميمبر ڪنهن بہ وقت پنهنجي مدي جي ختم ٿيڻ کان اڳ، عهدي تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو يا بورڊ طرفان بنا سبب ڄاڻائڻ جي عهدي تان هٽائي سگهجي ٿو.

(7) نان آفيشل ميمبر جي عهدي تي آسامي تي مقرر ڪو بہ شخص اهڙي آسامي تي رهيل مدي تائين عهدو رکي سگهندو.

(8)بورڊ ۾ ڪنهن آسامي يا جوڙجڪ ۾ نقص جي صورت ۾ بورڊ جو ڪو بہ قدم يا ڪارروائي غير موثر نہ

هوندي.

6.(1) ڪو بہ شخص ميمبر نہ رهندو ۽ ميمبر طور جاري نہ رکي سگهندو، جيڪو:

ميمبر جي نااهلي
Disqualification of member

(a) پاڪستان جو شهري ناهي؛
(b) پاڳل ٿي ويو آهي يا ذهني توازن وڃائي ويٺو آهي؛
(c) آهي يا ڪنهن بہ وقت تي بداخلاقي جي ڏوهہ ۾ سزا ڏنل هجي؛
(d) آهي يا ڪنهن بہ وقت تي ڏيوالو قرار ڏنو ويو هجي؛
(e) آهي يا ڪنهن بہ وقت تي ملازمت لاءِ نااهل قرار ڏنو ويو هجي يا حڪومت طرفان برطرف ڪيو ويو هجي؛
(f) هن آرڊيننس جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪري رهيو هجي؛
(g) اٿارٽي جي ڪنهن اثاثي ۾ مالي دلچسپي اٿس، سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ ريت اٿارٽي جي مفادن سان ٽڪراءُ اٿس.

بورڊ جون گڏجاڻيون
Meetings of the Board

7.(1) بورڊ جون گڏجاڻيون ضابطن موجب هلايون وينديون، پر جيستائين ضابطا جوڙيا وڃن، گڏجاڻيون اهڙي ريت ۽ تڏهن ڪوٺايون وينديون، جڏهن چيئرپرسن يا سندس غير موجودگيءَ ۾ وائيس چيئرپرسن طلب ڪري، اهڙي وقت ۽ هنڌن تي جيئن چيرپرسن يا وائيس چيئرپرسن، جيئن معاملو هجي، طئي ڪري، بشرطيڪ گڏجاڻي ٽہ ماهي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ڪوٺائي ويندي.

(2) بورڊ جي ڪل ميمبرشپ جو اڌ بورڊ جي گڏجاڻيءَ لاءِ ڪورم هوندو.

(3) ميمبرز کي گڏجاڻيءَ جي وقت ۽ هنڌ ۽ معاملن، جن تي بورڊ طرفان اهڙي گڏجاڻيءَ ۾ فيصلو ڪيو ويندو، ان بابت موزون آگاهي هوندي.

(4) بورڊ جو فيصلو موجود ميمبرن جي اڪثريت بنياد تي ڪيو ويندو. برابر ٽيڙ جي صورت ۾، صدارت ڪندڙ ميمبر کي ووٽ جو حق حاصل هوندو.

(5) سمورا حڪم، طئي ٿيل ڳالهيون ۽ بورڊ جو فيصلو لکت ۾ ڪيا ويندا ۽ سيڪريٽري طرفان صحيح ڪئي ويندي.

ڊائريڪٽر جنرل جي مقرري
Appointment of Director General

8.(1) اٿارٽي جو ڪل وقتي ڊائريڪٽر جنرل هوندو، جيڪو حڪومت طرفان بورڊ جي سفارش تي اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪيو ويندو، جيئن اهو طئي ڪري.

(2)ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سائنسز جو ناميارو پروفيشنل ۽ ساک رکندڙ ۽ پبلڪ يا پرائيويٽ سيڪٽر ۾ مئنيجمينٽ خاص طور تي هيومن ريسورسز، فنانشل مئنيجمينٽ، پروگرام امپليمينٽيشن ۾ چاڻ رکندڙ هوندو ۽ کيس پيداواري، ميٽرنل، نيو نيٽل ۽ ٻار جي صحت بابت اضافي ٽيڪنيڪل سمجهه هوندي.

(3) ڊائريڪٽر جنرل چئن سالن جي عرصي لاءِ مقرر ڪيو ويندو ۽ ڪارڪردگي جي بنياد تي هڪ مدي لاءِ ٻيهر مقرري لاءِ اهل هوندو، بشرطيڪ حڪومت بورڊ جي سفارشن تي، ڊائريڪٽر جي ڪارڪردگي بابت شڪايت تي، يا ٻي صورت ۾، سندس مقرري جو مدو گهٽائي سگهي

ٿي، يا سندس خدمتون ختم ڪري سگهي ٿي، جيئن معاملو هجي.

(4) ڪو بہ شخص ڊائريڪٽر جنرل مقرر نہ ڪيو ويندو يا جاري نہ رکي سگهندو جيڪڏهن اهو:

(a) اخلاقي پستي جي ڏوهہ ۾ سزا يڏايو ويو هجي؛
(b) بدعنواني جي ڪري ملازمت مان هٽايو ويو هجي؛
(c) ڏيوالو قرار ڏنو ويو هجي؛
(d) طبي يا ذهني معذوري سببن جي ڪري پنهنجون ذميداريون سنڀالڻ لائق نہ هجي يا اهڙيءَ ريت ميڊيڪل بورڊ طرفان قرار ڏنو ويو هجي؛ يا
(e) مفادن جو ٽڪراءُ ظاهر ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا هن آرڊيننس تحت اهڙي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڏنل وقت ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا هن آرڊيننس جي ڪن گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو.

(5) ڊائريڪٽر جنرل ڪنهن بہ وقت بورڊ ذريعي پنهنجي هٿ لکت عهدي تان حڪومت کي استعيفيٰ اماڻي سگهي ٿو.

ڊائريڪٽر جنرل جا اختيار

Powers of Director General

9. ڊائريڪٽر جنرل اٿارٽي جو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر هوندو ۽ بورڊ جي عام رهنمائي ۽ نگراني موجب، پنهنجا ڪم سرانجام ڏيندو ۽ ذميدار هوندو تہ:

(a) اٿارٽي مٿان اٿارٽي جي روز مرهہ ڪمن تي انتظامي ضابطو استعمال ڪري، بشمول مئنيجمينٽ، فنانشل مئنيجمينٽ، هيومن ريسورس مئنيجمينٽ جي؛

(b)بورڊ کي اٿارٽي جا ساليانا بجيٽ پروپوزلس جمع ڪرائي؛

(c)اٿارٽي جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ان جي هٿ هيٺ رڪيل ايگزيڪيوٽو ٿائر ذريعي اٿارٽي جا معاملا هلائي؛

(d)بورڊ سامهون رکڻ لاءِ اٿارٽي جي ساليانی رپورٽ تيار ڪري؛

(e)اهڙا ڪم سرانجام ڏئي ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪري جيئن بورڊ ان کي منتقل ڪري يا جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛ ۽

(f) اٿارٽي جي جاءِ تي ڪم ڪري، ڪنهن ايمرجنسي ۾، اهڙي قدم بابت بورڊ کي ان جي ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ آگاهه ڪري ۽ اهڙيءَ ريت ڪنيل ڪنهن قدم بابت بورڊ کان توثيق حاصل ڪري.

منتقلي
Delegation

10.بورڊ حالتن اهڙين موجب جيئن مناسب سمجهي، ڊائريڪٽر جنرل کي يا اٿارٽي جي ڪنهن ٻئي عملدار کي هن آرڊيننس تحت پنهنجا ڪي اختيار يا ڪم منتقل ڪري سگهي ٿو.

ڪميٽيز
Committees

11.بورڊ هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اهڙيون ڪميٽيز جوڙي سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي.

12.(1) اٿارٽي بورڊ جي منظوري سان اهڙا ماڻهو مقرر ڪري سگهي ٿي، جيئن اها هن آرڊيننس تحت پنهنجي ڪمن جي

| | |
|---|---|
| موثر ڪارڪردگي لاءِ ضروري سمجهي ۽ انهن جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا بيان ڪري سگهي ٿي. | اٿارٽي جا ملازم<br>Employees of the Authority |
| (2) اٿارٽي پينشن جي سلسلي ۾ فائدا فراهم ڪرڻ لاءِ سسٽم جوڙي سگهي ٿي. | |
| (3) عملدار، صلاحڪار، مشير ۽ ٻيو عملو اهڙي انتظامي قدم جو مستحق هوندو ۽ اهڙيءَ ريت جيئن بيان ڪيو ويو هجي. | |
| 13.(1) هڪ فنڊ قائم ڪيو ويندو، جنهن کي پيداواري، ميٽرنل، نيو نيٽل، ٻار جي صحت اٿارٽي فنڊ سڏيو ويندو، جيڪو اٿارٽي ۾ رهندو ۽ جيڪو اٿارٽي طرفان پنهنجا خرچ هلائڻ ۽ هن آرڊيننس تحت پنهنجا ڪم ۽ اختيار استعمال ڪرڻ جي سلسلي ۾ چارجز بشمول ملازمن جي پگهارن ۽ معاوضن لاءِ استعمال ڪيو ويندو. | فنڊ<br>Fund |
| (2) اٿارٽي حڪومت طرفان منظور ڪيل شيڊولڊ بئنڪ ۾ هڪ ايسڪرو اڪائونٽ قائم ڪري سگهي ٿي ۽ اڪائونٽ اجتماعي تي اٿارٽي طرفان بااختيار بڻايل نمائندي طرفان هلايو ويندو. | |
| (3) فنڊ ۾ جمع ڪيل سموري رقم حڪومت طرفان منظور ڪيل بئنڪ ۾ رکي ويندي. | |
| (4)فنڊ هيٺين طرفان فنانس ڪيو ويندو: | |
| (a) وفاقي حڪومت کان حاصل ڪيل رقمون يا گرانٽس؛<br>(b)حڪومت کان حاصل ڪيل رقمون يا گرانٽس؛ | |

(c)ڪنهن بي باڊي يا تنظيم کان حاصل ڪيل رقمون؛
(d)سمورين چارجز جي آمدني ۽ اثاثن جي وڪري، ۽ هن آرڊيننس تحت ڪيل ڪنهن اوڳاڙي مان ڪمائي؛ ۽
(e)اهڙي بي رقم جيڪا اثارٽي طرفان حاصل ڪئي وڃي.

14.(1) ڊائريڪٽر جنرل مالي سال جي شروعات کان اڳ اثارٽي جو ساليانو بجيٽ بيان منظوري لاءِ بورڊ جي سامهون رکندو.

بجيٽ ۽ اڪائونٽس
Budget and accounts

(2)اثارٽي پنهنجي مالي معاملن بشمول پنهنجي ڪمائي ۽ خرچن جي بيان جي، جوڳا اڪائونٽس ۽ ٻيو رڪارڊ اهڙيءَ ريت رکندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(3)هر مالي سال ختم ٿيڻ جي ٽن مهينن اندر اثارٽي بيان ڪيل طريقي موجب، اثارٽي جي اڪائونٽس جو ساليانو بيان تيار ڪندي.

15.(1) آڊيٽر جنرل آف پاڪستان ساليانو اثارٽي جا اڪائونٽس آڊٽ ڪندو.

آڊٽ
Audit

(2)حڪومت ذيلي دفعہ (1) تحت آڊٽ سان اضافي طور اثارٽي جي ساليانی اڪائونٽس جي بيان ڪيل طريقي موجب چارٽرڊ اڪائونٽنٽ يا چارٽرڊ اڪائونٽس جي فرم کان آڊٽ ڪرائي سگھي ٿي.

16.(1) اثارٽي مالي سال ختم ٿيڻ جي ٽن مهينن اندر

| | |
|---|---|
| ساليانو رپورٽ حڪومت کي جمع ڪرائيندي. | ساليانو رپورٽ<br>Annual report |
| (2) رپورٽ مشتمل هوندي:<br>(a) اٿارٽي جي اڪائونٽس جو بيان؛<br>(b) گذريل مالي سال دوران اٿارٽي جي ڪارڪردگي ۽ سرگرمين جو جامع بيان؛ ۽<br>(c) اهڙا ٻيا معاملا جيڪي بيان ڪيا ويا هجن ۽ جيئن اٿارٽي موزون سمجهي. | |
| 17. چيئرپرسن، وائيس چيئرپرسن، ميمبرز، ڊائريڪٽر جنرل ۽ اٿارٽي جا ملازم، جڏهن هن آرڊيننس جي ڪن گنجائشن موجب ڪم ڪري رهيا هجن يا ڪم ڪرڻ جو ارادو رکندا هجن، اهي پاڪستان پينل ڪوڊ، 1860 (1860 جي XLV) جي دفعه 21 موجب سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا. | ميمبرز ۽ ملازم سرڪاري ملازم هوندا<br>Members and employees to be public servants |
| 18. هن آرڊيننس تحت سٺي نيت سان ڪجهه به ڪرڻ يا ڪجهه به ڪرڻ جي ارادي تي اٿارٽي، چيئرپرسن، وائيس چيئرپرسن، ڊائريڪٽر جنرل يا اٿارٽي جي ڪنهن ملازم خلاف ڪو به ڪيس، مقدمو يا ڪا ٻي قانوني ڪارروائي نه ٿي سگهندي. | ڇوٽ<br>Indemnity |
| 19. هن آرڊيننس جي گنجائش ۽ ڪنهن ٻئي قانون جي گنجائش وچ ۾ ڪنهن ٽڪراءَ يا فرق جي صورت ۾، هن آرڊيننس جون گنجائشون اهڙي ٽڪراءِ يا فرق تي فوقيت رکنديون. | آرڊيننس کي ٻين قانونن مٿان سرسي حاصل هوندي<br>Ordinance to |

prevail over other laws

قاعدا
Rules

20.حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

ضابطا
Regulations

21.(1)هن آرڊيننس ۾ قاعدن موجب اٿارٽي حڪومت جي منظوري سان هن آرڊيننس جي گنجائشن کي موثر بڻائڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿي.

(2) مٿي ڄاڻايل اختيارن سان تضاد ڪانسواءِ، اهڙا ضابطا فراهم ڪن ٿا ان جي ملازمن ۾ ٻين ماڻهن جي مقرري، انهن جي ملازمت جا شرط ۾ ضابطا ۾ اٿارٽي طرفان ڪمن جي ادائگي.

رنڊڪون هٽائڻ جو اختيار
Power to remove difficulties

22.جيڪڏهن هن آرڊيننس جي گنجائشن کي موثر بڻائڻ ۾ ڪا رڪاوٽ پيش اچي ٿي ته، حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي، جيڪو هن آرڊيننس جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ نه هجي، هن آرڊيننس جي شروعات کان ٻن سالن جي عرصي اندر رڪاوٽ هٽائي سگهي ٿي.

**نوٽ:آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**